
# وڳ ڪيئن وسرياءِ



رَسُولُ بَخشُ پَلِيجو

# وڳڻ ڪيڏن وسرياءِ

رسول بخش پليجو

(سالگره نمبر)

سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي
گاڏي کاتو حيدرآباد

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڇاپو پهريون: سيپٽمبر ١٩٨٢ع

تعداد : ٻه هزار

ڇپائيندڙ : اشرف لاکو

ٻانهن ٻيلي : منير پرگڙي

**قيمت ٣-٠٠ رپيا**

هي ڪتاب محمد اشرف لاکي، سردار پرنٽنگ پريس گاڏي کاتي حيدرآباد مان ڇپائي سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي پاران پڌرو ڪيو.

ڪنهن ڪاڻ ڪياءِ؟ ڪهڙن ٻنهي ولهين ڪرها؟
اکين منهنجي اکيان، ٻنهي ۾ هير گناءِ!
وڳ ڪ وسرياءِ، ٻڌو جيئن گهاٽي وهڻ؟

منهنجا پيارا ٻچا!

ڪيترن مهينن کان سنبرلهڻي سنبرالدي ليٽ اڄ توکي هي خط ٻيو لکان. خط ۾ اڄ وچ جي تڪليف ڪي خيال ۾ رکندي مون هي خط ائين لکيو آهي جو جيڪڏهن ٻيو خط موڪلڻ جو موقعو نه به ملي ته به جيڪا ڳالهه چوڻي اٿم تنهن جا مکيه نقطا هن ۾ اچي وڃن. هن ۾ مون "بهترين جي اميد رکو ۽ بدترين لاءِ تيار ٿيو" جي اصول هيٺ بهترين جي اميد رکندي بدترين کي فرض ڪري ورتو آهي.

ان ڪري بلڪل ٿي سگهي ٿو ته توکي ائين لڳي ته هي خط ڪهڙي پاگي غلط، هڪ طرفي، وڏاءِ

وارن اطلاعن ۽ الھيءَ جي رد عمل جي بنياد تي
لکيل آهي ۽ ان ۾ توسان يا ڪن ٻين سان
بي‌انصافي ٿيل آهي. ان حالت ۾ ڪنھنجي باشعور
ضمير ڪي اختيار آهي ته ٻوري تپاس، ويچار ۽
تڪ تور ڪان پوءِ جيڪي ڳالھيون ڪيس ٻوري
ايمانداريءَ سان وڏائي، هڪطرفائي يا سراسر غلط ۽
بي انصافيءَ واريون معلوم ٿين تن کي ذهني طرح
انهن ليک ڏيئي ڇڏڻ جڻ اهي لکيون ئي ڪونه
ويون هيون. انھن بابت توکي يا ڪنھن به ٻئي کي
ڪجهه به دل ۾ نه ڪرڻ گهرجي.

گذريل ٻن سالن ۾ آءٌ ٻين عزيزن، قريبن ۽
يارن دوستن سان گڏ تنھنجي باري ۾ به مختلف
ماڻهن ڪان حال احوال وٺندو رهيو آهيان. ميني
وٽان مون کي هميشه ساڳي ڳالهه معلوم ٿيندي
رهي آهي. هر ڪو چوي ٿو ته تون پڙهائيءَ تي
ڪجهه ڌيان ڏين ٿو باقي ٻيو سمورو وقت انهن
فضول وڃائيندو رهين ٿو. ڪو عزيز قريب يا
پاڙي اوڙي جو غريب غربو يا منگتي ساٿي ڏک سک

۾ توکي به پيو پرڻ لاءِ چوي ٿو ته تون پڙهائي يا گهر جي ڪم جي ٽالي ۾ ٽپ جواب ڏيو ڇڏين. اخبارن ۾ ڪڏهن ايندو آهي ته فلاڻي سياستدان عملي سياست تان رٽائر ٿيڻ جو اعلان ڪيو آهي. ائين ٿو لڳي ته تون به ١٤-١٥ سالن جي عمر ۾ رٽائر ٿيو ويٺو آهين.

ٻن سالن جي انهن اطلاعن مان تو بابت ذهن ۾ مجموعي طور هڪڙي اهڙي ذهين ۽ باصلاحيت خوشحال ۽ لاپرواهه انفراديت پسند ۽ خود پرست، سابق روشن خيال ۽ ترقي پسند نوجوان جي تصوير اڀري ٿي، جيڪو هاڻ فقط پنهنجي ذات جي انفرادي سک، آرام ۽ انفرادي ڪاميابي لاءِ جيئي ٿو، جنهن جي اندر ۾ اعليٰ احساسن ۽ جذبن جي ڪابه چڻنگ ۽ بلند آدرشن جي روشنيءَ جو ڪوبه ترورو سلامت نظر نٿو اچي ۽ جيڪو في الحال وقتي طور ئي سهي ذهني ۽ روحاني طرح ختم ٿي چڪو آهي.

”نڪو ليکو ئي ٿيو، نڪو ٿيو ڏيٺهن،
تهان اڳي ليٺهن، جنهن آئڻ واريئين!“

جيڪڏهن واقعي ائين آهي ته اهو هڪڙو نهايت دردناڪ الميو ٿيندو. نه فقط ته سون لاءِ، سنهنجي خاندان ۽ سنگت ساٿ لاءِ، پر سنهنجي ڏيهه جي ڏوٿين ۽ چهانگين لاءِ پڻ.

هڪڙو اهڙو ماڻهو جيڪو سنهنجي گهر جهڙي گهر ۾ خاص توجه ۽ ڪوشش سان اعليٰ ترين آدرشن جي روشنيءَ ۾ پلجي وڏو ٿيو هجي، جنهن جي ڪنن تي علم جا پهريان پڙلاءُ ”مان“ ناول جي آب حيات جهڙن لفظن جا پيا هجن، جيڪو سڄي عمر حق جي حمايت جي جدوجهد جي ماحول جي وچ ۾ ۽ ان ۾ حصيدار رهيو هجي، جنهن ۾ جائي ڄم کان هڙا گڻ ۽ لياقتون هجن ۽ جنهن اڳتي وڌي هڙيون صلاحيتون ۽ جوهر ڏيکاريا هجن، سو اوسر ۽ جوانيءَ جي منهن ۾ جيڪا انساني دلين ۾ عام طرح حق ۽ سچ جي تمنا ۽ تڙپ،

تلاش ۽ جاکوڙ، ان جي حاصلات لاءِ سورهيائي ۽ قربانيءَ جهڙن جذبن ۽ آدرشن جي مکڙي ڦٽڻ ۽ ٽڙي گل ٿيڻ جي موسم هوندي آهي، هيئن اکين اڳيان ڏسندي ڏسندي اوچتو ترين پر ويهي رهي، سا ڳالهه ڪا رواجي نٿي ليکي سگهجي.

اها ڳالهه پنهنجي جدوجهد ڪرڻ جي همت ۽ حوصلي جي فولادي قلعي جي ڪنگرن تي فخر ۽ دليريءَ سان جهولندڙ اهڙين شاندار لنيڙين جهنڊين سان هڪڙي شاندار لنيڙيءَ جهنڊيءَ جي ڪري ٻوڻ جي ڳالهه آهي. جيڪي شاندار جهنڊيون پنهنجي ڏيه جي ماڻهن جي پنهنجي زندگي ۽ دنيا کي بهتر بڻائڻ جي اٽل ارادي ۽ پختي ثابت قدميءَ جون خوبصورت نشانيون پنهنجي واڌاري ۽ ڪاميابيءَ جون مضبوط ضمانتون ۽ پنهنجي روشن مستقبل جون من موهيندڙ خوشخبريون آهن.

مون کي تنهنجي ذهني ۽ روحاني ترقيءَ بابت هميشه فڪر رهندو ٿي آيو آهي، جو ته مون کي تنهنجي راه ۾ ڪيترين سازگار ڳالهين سان گڏ

ڪيتريون سنگين رڪاوٽون به نظر اينديون رهيون آهن. ان ڪري مون بار بار توکي هوشيار، خبردار ۽ مڙس ماڻهو ٿيڻ لاءِ تاڪيد ڪئي ڪيو آهي.

هاڻ گڏيل اها ته تو اجا پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي عمر سارو جهڙو چنجي تهڙو ڏک ڪونه ڏٺو آهي.

تاريخ جي هن ڏاکي ٿائين، ماڻهن جي وڏي اڪثريت جي دنيا، ڏکن جي دنيا آهي. ان ڪري دنيا ۾ سڀ کان وڏو انساني رشتو سک جو نه، ڏک جو آهي. اڄ ٿائين ڏک ئي انساني سماجي زندگيءَ بابت ڄاڻ ۽ سمجهه جو وڏي ۾ وڏو وسيلو بڻيو آهي، جنهن سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح ڏک نه ڏٺو آهي، تنهن کي ڏکويل ماڻهن جي هن دنيا جي ڪهڙي خبر پئجي سگهندي. روشن خيالي، ترقي پسندي ۽ انقلابيت معنيٰ ماڻهن جي اڪثريت لاءِ ڏکن جي دنيا بدلائي سکن جي دنيا بڻائڻ. جن ڏکن جي دنيا جو عذاب ئي برداشت نه ڪيو هوندو سو ان کي بدلائڻ جي ڪهڙي ضرورت

محسوس ڪري سگهندو ۽ ان تبديليءَ جو ڪهڙو
قدر ڄاڻندو؟ اهڙو ماڻهو ڀلا روشن خيال، ترقي پسند
۽ انقلابي ڇا جي لاءِ ٿيندو؟ ۽ جي ڪنهن سبب
۽ ڪنهن وقت وقتي طرح ٿئي به، پوءِ ته به هميشه
لاءِ ڇو ٿئي؟ ڪو به فائدو نه ڏسي ۽ ڏٺو وائٺو نقصان
سمجهي به ڇو سدائين ترقي پسند ۽ انقلابي رهي؟

مطلب اهو ناهي ته جنهن گهٽي ۾ گهڻا ڏک
ڏٺا سو پاڻمرادو وڏي ۾ وڏو انقلابي ٿيندو يا
جنهن ذري جيترو به سک ڏٺو سو روشن خيال ۽
انقلابي ٿيندو ئي ڪونه، نه، حد کان وڌيڪ ڏک
تيز باه وانگر آهي، جيڪي ماڻهون اندس ڏنهن
کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيندو. ان ڪري ٻي
هر ڳالهه وانگر، ڏک به فقط هڪ حد تائين
فائديمند آهن ۽ سو به تڏهن، جڏهن منڊس ڪوڙاڻ
پيچڻ لاءِ ساڻس ڪي گهٽيون نه ته ٿورڙيون مٺيون
ٿلهيون خوشيون به شامل هجن، يعني ڪجهه ڏک
نه ڪجهه سک. خوشيءَ جي ملاوٽ کان بلڪل
خالي ٻنهه، حد کان وڌيڪ ڏک نقصانڪار ٿيندو

حد ڪيتري هجي؟ اهو هر ماڻهوءَ جي جسماني، ذهني، روحاني قوت ۽ سهپ تي مدار رکي ٿو.

— ۽ خوشيءَ جي معنيٰ ڇا؟ ٻين لکين قسمن جي خوشين کان سواءِ، پيارن پيارن ماڻهن سان روبرو يا ڪتابن ۾ ملاقات به خوشي آهي. ماڻهن جي سچي ۽ باشعور عزت به خوشي آهي. ضمير جو اطمينان به خوشي آهي. پري کي ويجهو ڪرڻ جو تصور به خوشي آهي. سيان جي ڪاميابي جي اڪ به خوشي آهي. ۽ ڏک؟ اهو به ماڻهوءَ ماڻهوءَ تي ۽ ماحول تي مدار رکي ٿو. ٻين هزارين لکين ڳالهين کان سواءِ ڪنهن ناول ۾ ڏکويل مظلوم ماڻهوءَ جي ڳالهه پڙهڻ به ڏک آهي، هزارين سال اڳ جي ڏکويلن جي ڳالهه ٻڌڻ به ڏک آهي. سمورين انسالذات جي سمورين پيڙائن جو تصور به ڏک آهي ۽ انهن سڀني ڏکن جو هڪڙو ڪو نه ڪو تدارڪ نه ڪري سگهڻ سڀني کان وڏو ڏک آهي.

ماڻهوءَ جي ڏکن ۽ خوشين ۾ خاص ڪري ڏکن ۾ ڀاڱي ڀائيوار هجڻ کان سواءِ هن دور ڳائين جو انسان انسان دوستيءَ جو ڪس لهي سگهي ٿي ته سوين سال اڳ لطيف انساني زندگي ۾ ڏک جي احساس ۽ شعور جي ۽ ٻين سورن ۾ شريڪ ٿيڻ جي اهميت جو ذڪر هيئن ڪيو آهي:

ڏيکاريس ڏکن، گولڊر ڳس ٻرين جو،
ٻسو ٻرائن ســورن آڏو سسئي،
ساجن سليس سور، سک نه ميڙيس سپرين.

......

سکن مون سين ڪين ڪيو، سورن لڌيم سارون؛
سو سکن ڏيئي، ورهه وهايم هڪڙون؛
ٻڌي ڳــوڏ ڳـرت، ساڻو ڪجي سور جو.

ظاهر آهي ته هي شعر شاعرائي وڏائي کان خالي ناهن. ٻر الهن ۾ اها بنيادي عظيم عالمي تاريخي سچائي سمايل آهي. ته انسانيت جي زبردست اڪثريت جو ساٿ ڏکن جو ساٿ آهي. جيڪو

ماڻهو انسانيت دوست وات وٺندو سو چڻ هٿ وٺي پنهنجي هٿيءَ جي اڪثر عام سکن تان هٿ کڻي پنهنجي هٿيءَ جي عام ڏکن کان ٻه وڌيڪ لوان ڏک سودي ٿو. اهو دنيا جو وڏي ۾ وڏو سودي جو ڪاروبار آهي. گوتم ۽ عيسيٰ ۽ انهن کان گهڻو اڳ کان وٺي اڄ تائين ڪيترا ئي ماڻهو اهو ئي ڪاروبار ڪندا، جڳ جرڪائيندا ۽ جڳ جڳ جيئندا رهيا آهن.

سڄي جهان جي انهن ڏکن جي زهر کي چڪائي هو ان مان اعليٰ انسان دوست سرت ۽ سمجهه جون روشنيون، تعليمي عمل جون ماکيون مصريون، خوشي جون خوراڪون ۽ عزت ۽ شان جون سرهاڻيون ٺاهيندا رهيا آهن.

قاتل ڪمائي ڪري، وه ماکي جي ڪن،
وڏان ويهي تن، اٻج کي اپاليون.

سکن عيوض سور سورڻ وارا اهي سوداگر ئي هن ڌرتي جي سوين صدين جو بهترين فصل آهن.

اهي سرواڻ الهيءَ وکر جا سونهارا ساٿ پري، برن،
ٽرن، جبلن ۽ جهنگن ۾ روشنيون ۽ سرهائيون
ڦهلائيندا ۽ برن پنيورن کي اجاري، لوڪ جي
دلين تان هور ۽ خوف لاهي، ڏکين کي ڏکَ
وهارين ٿا:

ٻر مڙيوئي ٻوءِ، چوڙ چاڙيون مکيون،
کيائين سرهيون، واسائين وڻڪار،
اچي آريءَ ڄام جو، وڻ وڻ منجهان واس،
ٻرو هو پنيور، آريءَ اجاريو.

حد اندر ڏکن سان گڏ حد اندر کي نه کي
سنها ڦلها، وڏا ننڍا سک ۽ سهوليتون به ماڻهوءَ
جي شخصيت ۾ انقلابي واڌاري لاءِ فائديمند آهن
پر جيئن ته اڄ ڪائين جي انسان جي زندگيءَ ۾
ڏک گهڻا سک ٿورا، ڏک بنيادي ۽ سک ثانوي
آهي. انڪري زندگيءَ جي صحيح سرت ۽ سمجهه
عام طرح فقط ان کي ٿيندي جنهن وٽ ڏکن ۾
سکن جو صحيح تَوازن هوندو يعني جنهن وٽ ڏک

ڄڻو احساس ۽ شعور وڌيڪ ۽ عام مڪ جي حاصلات ان جي ڀيٽ ۾ ٿوري هوندي. جنهن وٽ ڏک ٿورا ۽ سک گهڻا هوندا. ان جي زندگي بابت حرت ۽ سمجهه ۽ ان ڏانهن رويو عام طرح صحيح نہ ٿي سگهندو.

تنهنجي اڄا عمر ننڍي آهي. ۽ تو ان عمر سارو بہ ڏک ڪونہ ڏٺا آهن. (گورڪيءَ جي بالپڻ ڪيئن ڏٺو پائيندين، تو پنهنجي عمر سارو پنهنجي عمر جي ايتن ڪيترن ٻارن وانگر بکون، ڏک، ڏکا، ڏومان، رولاڙا، تنگيون، مجبوريون، بيوسيون، محروميون، ذلتون، خواريون، ويڙ ۽ دشمنيون ڪونہ ڏٺيون آهن. تو تان اوچتيون ڇپون ڪونہ ڪريون آهن. تون اڃا ٻراون ڪلهن تان لهي پنهنجي پيرن تي بيهڻ تي مجبور ڪونہ ٿيو آهين. تون هن پرڏي جهان ۾ ڪڏهن بہ اڪيلو ۽ بي يارو مددگار ڪونہ ٿيو آهين ۽ تو تان ڪڏهن بہ "آءٌ اڪيلو سامهون سٽ وارو وقت نہ آيو آهي تون جسماني يا ذهني يا روحاني طرف ڪڏهن بہ زندگي

۽ موت جي ڪشمڪش ۾ مبتلا ڪُوله ٿيو آهين.
تو مري جي ڪوله ڏنو آهي. انهين ڪڏهن ۾
ڪوله ٿيو آهي جو تون هڪڙو ڀيرو جسماني يا
ذهني يا روحاني طرح جڻ مارجي ڇڪو هجين ۽
ٻوءِ وري تو ۾ جڻ ڇٽي ڇٽي مس ساهه ٻيو هجي،
نه وري تون اهڙي ماحول ۾ رهيو آهين جتي
تنهنجي آسپاس ۽ زندگيءَ جون قاتل حقيقتون روز
تنهنجي جسم، ذهن ۽ ضمير تي متڙڪا هڻي توکي
پل پل سندن وجود جو عذاب ٻرپا ڪرڻ تي
ڪنديون رهن.

ٻئي طرف توکي تنهنجي پنهنجي طبقي جي
تنهنجي همعمر ٻارن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سک ۽
سهولتون ميسر آهن. درحقيقت تون هڪڙو تمام
ننڍڙو ئي سهي، پر هڪڙو هوند وارو ماڻهو ٿي
ٻيو آهين. تو وٽ موٽر سائيڪل آهي. تو وٽ
پنهنجو خلاصو ڪمرو آهي. ڪئين ٻيون شيون آهن.
اهڙي ريت تون هن ننڍي عمر ۾ ان هوند وارن
جي برادريءَ مان ٿکري ٽوڙي گهٽي هوند وارن

جي برادريءَ ۾ شامل ٿي چڪو آهين. لطيف سائين
چوي ٿو ته هونئن ٻوجو آهي. ٻوجي وارو ماڻهو
ٻنا ٻوجي واري ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ هلڻ ۾ ڏکيو
ٿيندو. هونئن وارا ڳورا آهن. وڏيون منزلون ڪري
نه سگهندا. اڻ هولا وارا هلڪا يا (لطيف جي
ٻوليءَ ۾) هورا آهن. ڳورن ۽ هورن ۾ زمين
آسمان جو فرق آهي. هونئن واريون ٻوجي واريون،
ڳوريون پانڌياڻيون منپرالدي منپرندي ڳوٺ رهجي
وينديون ۽ اڻ هونئن واريون هلڪيون يا هوريون
ٽيسين وڃي هاڙهي جي هن پار پهچنديون!

هورين هاڙهو لنگهيو، ڳوريون پاسي ڳوٺ!
ڪيچ تنين کي ڪوٺ، 'ڪين' جنين جي ڪڇ ۾.

......

ڪهي جا "ڪين" ڪڇي، پرينءَ پهتي سا،
هوندئا هوت پري، اوڏو آ اڻ هوند کي.

......

هوند جنين ۾ هوءِ، هوت نه هوندو تن ۾،
نڪا هٿ نه هٿ ڳوري سندي ڳالهه،
ڪين پهتي سال، حال اهتي هوت ڪي-

ظاهر آهي ته هي ڳالهيون قطعي ۽ تنگ معنيٰ ۾ اکر به اکر نه ٺهيون ٿي سگهن. پر اهي بنيادي، نسبتي ۽ وسيع معنيٰ ۾ بلڪل صحيح آهن.

چوندا آهن ته ڍڳ جهلي هڪڙو واڻيو پيو سمهن. پاڻ جهڙن ماڻهن لاءِ موٽر سائيڪل ۽ هڪڙو مسواڙ تي ڏيڻ جهڙو ڪم به جبل جيڏا مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿا ۽ چاهي ڏوهه ڪنهن جو به هجي، پر ليلا جي هار والگر دوستن ۾ دوريون پيدا ڪري سگهن ٿا.

ان گهوڙن هنئي گهٽيون، دوستن سان دور ڪيم! تون وورهيت عوام جي زلد ڪيءَ ڪان گهڻو پري رهيو آهين ۽ سندن رهڻي ڪهڻي جو اثر تمام وڏي ڳالهه آهي. چوڻي آهي ته ”سڳا سي جن جا پڪا اوڏڙا!“ لطيف به چيو آهي-

گڏ جت گذران هو، جڙ لڳي ٿنهن جاءِ.

ماڻهو جهڙي ماحول ۾ رهي ٿو، جهڙي قسم جي ماڻهن سان گڏجي گذران، اٿ ويهه، واقفيت ۽ دوستي ڪري ٿو انهن جا خيال، چڱائي برائي جا ماپا ۽ معيار، پسنديون ۽ ناپسنديون، امنگون ۽ آدرش شعوريءَ ۽ لاشعوري طرح منهن لونءَ لونءَ ۾ سمائجي وڃن ٿا ۽ منهن قلب ۾ روح ڪي اڻ لڪين زنجيرن ۾ جڪڙيو ڇڏيو ڇڏين!

من، اکيون، تن تت، جتي جنب جيڏين!

مڙس ۽ نا مڙس، رجعت پرست ۽ ترقي پسند وغيره ماڻهن جي وچ ۾ فرق جي بنيادي ڪارڻن مان هڪڙو بنيادي ڪارڻ رهڻي ڪهڻي جو فرق ۽ تضاد به آهي. ڪو ماڻهو عوام سان پيار ۽ سندس خدمت ڪرڻ جون ڪيڏيون به ڳالهيون پڙهي، پڙهي ۽ ڪري. پر جي سندس رهڻي ڪهڻي سرآسر عوام جي ابتڙ هوندي خواهش ۽ نيت ڪهڙي به سٺي هوندي ته به عام طرح، هو عوام دوستي

۽ عوام جي خدمت جي ڳالهين تي مضبوطي ۽ ثابت قدميءَ سان ۽ توڙ تائين هرگز قائم رهي نه سگهندو. ان ڪري ڪهڙيءَ سان گڏ رهڻ جي بنيادي اهميت آهي شاه تڏهن هيئن چيو آهي،

تنهن ڪهڙيءَ ڪيو ڪوه؟ جي رهڻي نه رهيو سپرين.

جي رهڻي سپرين ڪي رهائڻ جي لائق نه هوندي ته سگهڻي وات جي ڪهڙي ڪيس ڪهڙو پاڻ ڏانهن چڪي پاڻ وٽ رهائي سگهندي؟

هي جي هيترا ماڻهو ڳالهه ڪي جي وڏي عرصي تائين بي مثال جاکوڙن، قربانين ۽ سورهيائين جي باوجود توڙ تائين سچا عوام دوست ۽ انقلابي نتا رهي سگهن ۽ هڪڙي ڏينهن اوچتو ئي اوچتو ڪنهن ٽڪاءُ جي مرض ۾ ورتل پڪري والگر نڪاءُ ڏيو پورا ٿيو رهن يا آهستي آهستي پونتي هٽي ختم ٿيو وڃن سو ڇو؟ يا ته ماڻهوءَ کي اصلوڪي غلط رهڻي ڪهڙي جي لاڪي نڪ جي اوچتي چڪ پوندي آهي يا هو آهستي آهستي

پنهنجي اصلوڪي صحيح رهڻي ڪهڻي بدلائي دشمن طبقن جي غلط رهڻي ڪهڻي جي ڏيڻ ۾ قامي ٿيندو آهي.

جڏهن اسين انقلابي ماڻهو عوام دشمن جي طرفان، سندن پنهنجي ناجائز مفادن خاطر، عوام واسطي مقرر ڪيل ۽ مڙين گمراهيءَ ۽ زبردستيءَ وسيلي مڙهيل رهڻي ڪهڻي، معيار زندگي ۽ فيشن جي ڪسوٽين کي رد ڪري، پنهنجي عظيم مقصدن جي روشني ۾ پنهنجي حقيقي ضرورتن، سکن ۽ آسائشن جي شين ۽ ڳالهين لاءِ ڪوشش ڪنداسين ته اسين ڏسنداسين ته اسين زندگي جي هڪڙي زبردست جنجال ۽ پيڙا مان ڇٽا آهيون. هڪڙي گولاپ ۽ غلامي مان آزاد ٿيا آهيون. ڇڻ هڪڙو جنبد اسان جي ڳچي مان لٿو.

اسين گهٽ پورهئي مان گهڻيون وڌيڪ بهتر ۽ ڪارائتيون ۽ ل گهربيون شيون ۽ ڳالهيون حاصل ڪري سگهنداسين. اسان کي پاڳلن وانگر اجائي هڻ هڻان ۽ ڇڪتي وٺ وٺان ڪانه ڪرڻي پوندي ۽

اسان کي سک ۽ آرام ولدر ۽ ورونهن ۽ پنهنجي بهتري واسطي سوچ ويچار لاءِ ڪجهه وقت بہ بچي پوندو.

هڪ سمجهو ۽ باشعور انقلابي مزدور ۽ مارو ماڻهو جي رهڻي ڪهڻي اختيار ڪرڻ سان جڏهن اسم اعظم جي ڳڻي سان اسين ڪتن جي ڪير ڪان پچندڙ، ڏڏل، هراسيل ۽ هوش خطا ٿيل ڏڪندڙ سهي سان ڦري شينهن جا ٻچا ٿي پونداسين. ان رهڻي ڪهڻي ۾ ڪو اهڙو عجب اسرار سمايل ٿئي ٿو جو ماڻهوءَ جي ڪايا پلٽيو وڃي.

ڪوڪٽ آهي ڪو، اسي پنهوارن ۾!

ان باري ۾ لطيف سائين اسان جي صاف ۽ روشن رهبري ڪري ٿو.

هر ڳالهه ۾ چالو نظام جي چالو غلط شين، ڳالهين، ڪسوٽين ۽ معيارن جي نہ رڳو مخالفت ڪريو پر ان جي جاءِ تي، انهن جي عين ابتڙ صحيح شيون ۽ ڳالهيون ۽ ڪسوٽيون ۽ معيار قائم

۽ رائج ڪريو. اهي ڏسڻ ۾ ڀل ڪيڏيون ۽
ننڍڙيون، خسيس، ڪنهن جي نظر ۾ نه اينڊڙ،
ڪنيون، ڪوجهيون ۽ اولڏيون اڀٽيون هجن ٻر
انهن تي شرمسار هرگز نه ٿيو. انهن بابت معذرت
به نه ڪريو. انهن جو حقيقي ۽ اڻ لکو قدر ۽
قيمت سڃاڻو، سمجهو، مشهور ڪريو، مارا هيو،
ڳايو ۽ وڃايو!

اڪـ الـتـي ڏارونءَ، ابـتـو عـام ڪـان
جي لهوارو لـوڪ وهي، تـون اونچو وه اوپار.

هوڙن هنڌن تي لوڪ جي معنيٰ آهي غلط
نظام جي غلط ڪسوٽين ۽ معيارن جي الڏي پوچا
ڪندڙ گمراه ماڻهو.

عوام دشمن جي نظر ۾ جيڪي آهي سو نامرنهاد.
قيمتي شيون، سون، رپيو ۽ انهن جا مالڪ اهي ئي
ماراه جا، پيروي جا، دوستي جا ۽ عزت ۽ احترام
جا لائق آهن. اوهين انهن شين ۽ منڍن مالڪن
کي رد ڪري ڇڏيو، ٿڏي ڇڏيو. انهن کان نفرت

ڏاريو. اوهين وري نامرنهاد حسين شين ۽ انهن جي
مالڪن کي سڀڪجهه سمجهو انهن کي ئي ساراهه،
دوستي ۽ عزت ۽ احترام جي لائق سمجهو.

پنهنجن سان ڪاٺو، پنهنجن جهڙو ڪاٺو، انهن
جهڙو ڀهريو، انهن وٽ ويهو، انهن جي پوڏ کي
جيءُ سمجهو، دشمن جي آڌرڀاءَ کي ٺوڪاري
ڇڏيو. محلن ۽ ماڙين کي گندو ۽ غليظ سمجهو ۽
انهن ۾ ويهڻ جي غلاظت ڀڪن ۾ اڇي ڌوئي صاف
ڪريو. پنهنجي ملڪيت نه هجڻ ڪي شرم نه، فخر
ڪريو. ملڪيت جا نه، مڙسن جا ٻٽ ٿيو. شين جا
پوڄاري نه پر ماڻهن جا ٻٽ ٿيو. پوءِ ليث ڪنهن
منزل ڏي اوهين سچي ملير جا مالڪ ٿي ويندا ۽
هيءَ دنيا اوهان جي قدمن ۾ سر جهڪائيندي،

ننگا آهيون نڪٿا، اسين سارو لوڪ
مارن ري نه مچ! سيهو ڀانئج سون کي.

دوستي ڪنهن سان ڪجي؟
جن ڪراين ڪچ جسا، ور ساهيڙيون سي.

......

ڪراڻ ڪروڙ جا، ڇوڙا ڪوڙا جن
سو سرڪ مارونڙن، جهان لوڪ اڄ ٿئي.

......

ڪارا ڪراڻ ۾، سون اسان کي سوءِ.

......

جنهن سنڌي ٻوڏ ۾، پٽيون پٽين جيءُ
تن! تنهن سان ايءُ، اوڏا اڏ ٻڪڙا.

ڪاڏا ڪنهن سان ڪائيجن؟

ورجهن سين خوع، فاقو فرحت پائيان!

......

ور ابائن سدن اڄ، ڪوءِ شربت ڏنهنجو سوسرا.

......

ڪوءِ سين طعام تنهن جا، ور سا ڏونرِ ڏوئي!

......

ٻکن ۾ ٻئي، شل سڀان جو سر ڏوٺان.

باعزت ۽ باوقار رهڻي ڪهڙي چئجي؟

ٿوري وقت قرارنا، رهڻ سڀر سٺ
ڪٿي ۾ ڪيهه ٻڪلثا، ٻوٽن اهڙيءَ پيت
پنهوارڪي ٻت ٻئي اڄ سليسر ۾!

(ڏورو ڪائن ڏٺا، گھڻن ڪپڙن بدران هڪڙيءَ ڪٿيءَ ۾ ويڙهيل آهن ۽ بدن تي مٽي لڳل اٿن، بدن ۾ گھڻي طاقت ۽ دل ۾ قرار اٿن ۽ سيئي ڪان اهڙي ڏس ته سچي ملير ۾ پٽ ۽ شان ڪيڏو اٿن!)

اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي ته ڏالي وارن ماڻهن جا ٻار يا اڪيلا ٻار يا ڪنهن به سبب دادلا ٻار يا گھڻي پاڳي عورتن جا پاليل ٻار يا لنڊي هوندي ئي ڏالو ڪيندڙ ٻار وڏي هوندي ڪو خاص جوهر ڪونه ڏيکاريندا آهن.

ڏالي وارن ماڻهن جا ٻار پنهنجن مائٽن جي ڏالي ۽ شهرت جي ڇانوَ ۾ ئي مزا ڪندي پورا ڏي رهندا آهن. پيو ته عام طرح ڏالي وارا ماڻهو پنهنجي گھر ٻڌي ڀاتين ڏوڙي پنهنجي زير اثر ماڻهن کي پنهنجون شخصيتون صحيح معنيٰ ۾ اجاگر ڪرڻ ۾ نه رڳو مدد گھٽ ڏيندا آهن پر انلو ڪون اڀرڻ ئي ڪونه ڏيندا آهن. ڏيون ته هونئن به هو هنن جي پيٽ ۾ ٻتڪڙا لڳندا آهن ۽ احساس ڪمتري وچان انهن جو نقل ڪندا رهجي

ويندا آهن. اڪيلا يا اڪثر عورتون جا ٻاليل ٻار گهڻي پيار ۽ دادلائپ جي ڇڏي ڇالوَ ۾ عمر گذاريندي اهي اعليٰ گڻن پرائڻ کان محروم رهجي ويندا آهن. جيڪي گڻ فقط زندگي جي اٿهڻ آس ۾ ئي پرائي سگهبا آهن.

انهن ڳالهين کي خيال ۾ رکي منهنجي اها هميشه سوچيل سمجهيل ڪوشش ٿي رهي آهي ته تنهنجي رهنمائي ڪجهه ٻر توتي اجايو دٻاءُ نه وجهجي، توکي پيار ڏجي ٻر دادلو ٿيڻ کان بچائجي، توکي اجائي سک، پيار، شهرت، شين، پئسن ۽ آرام جي مٺي زهر کان بچائن، منهنجي عمر جي ٻين غريب ٻارن وانگر ڏک سک ڏسين، گهر جي ڪمن مان ٻاهر لڪري، ڏڪا ڏوما کائي، سچي، موري، محنتي، جفاڪش ۽ جاندو انقلابي مڙس ماڻهو بنجين.

انسان جا وڏي ۾ وڏا مسئلا ۽ مقصد اهي آهن جيڪي رڳو ڪنهن اڪيلي ماڻهو يا گهر جي نفعي نقصان جا ناهن لڪي ڪي ڪنهن اڪيلي ماڻهو يا گهر جي ڏگهي عرصي جي ڪوشش مان

حل يا حاصل ٿي سگهن ٿا. پر اهي اهي آهن
جيڪي گهڻن ڄڻا گڏيل آهن ۽ گڏپ وار يءُن
ڪوشش سان ئي حل ٿي سگهن ٿا. الهن سان گڏ
بلڪ اڪثر انهن سان ئي ٿتي لڪتل پيا انفرادي
ننڍڙا روزمره جا مسئلا ۽ مقصد به آهن جيڪي
هڪڙي ماڻهو يا هڪڙي گهر جي فوري يا ٿوري
وقت جي ڪوشش سان فوري يا جلد حل ڪرڻ جا
آهن. اهي ٻنهي قسمن جا لفعا ۽ نقصان پاڻ ۾
لازم ملزوم آهن، هڪٻئي تي دارومدار رکن ٿا،
هڪٻئي کي متاثر ڪن ٿا، هڪٻئي ۾ سمايل آهن،
پر الهن ۾ بنيادي اهميت گڏپ وارن مقصدن کي
آهي. مثلاً جي گهڻن جي گڏيل فائدي وارو گڏپ
جي ملڪيت وارو گهٽي ۽ ڪافي عرصي جي محنت
۽ خرچ سان تيار ٿيل کوه ئي نه هوندو ته ڪا
پاڻي ڀرڻ سويل وڃي يا جي دير سان وڃي ته ڇا؟
گهڙو ننڍڙو ڪٿبو ته ڇا ۽ جي وڏو ڪٿبو ته ڇا؟
گڏپ وارو ۽ گڏيل فائدي وارو اسڪول ئي قائم
نه ڪرائبو ته پڙهائي تي انفرادي محنت ڇا جي

ڪبي ۽ هوشيار ۽ چٽ شاگرد جي وچ ۾ فرق جو
ڪهڙو فائدو؟ گڏيل فائدي جو واه ئي نه هوندو
ته پلي فصل لاءِ هرڪنهن جي پنهنجي پنهنجي
الڳ الڳ محنت آهر ڪيترو فائدو ڏيڻي ڪيترو
ڏيندي؟ جي قومون يا طبقا آزاد ئي نه هوندا ته
منهن سڌاري ۽ واڌاري جون عظيم اسڪيمون ۽
شاندار پروگرام ڪهڙي ذاتي ڪم ايندا؟ ڦورو ۽
ظالم نظام جي والي ۽ وارثن لاءِ ماڻهن جي بنيادي،
وڏن ۽ گڏپ وارن مسئلن ڏانهن ڌيان ڏيڻ به
منهن واسطي موت جو پيغام آهي. هو هميشه
چاهيندا ته هرڪو ماڻهو اڪيلي سر پنهنجي گرڪنهن
۾ ئي پورو هجي. گڏپ جي بنيادي ۽ وڏن فائدن
وارين ڳالهين کان بي خبر رکڻو بڪڙن ۽ خسيس
روزمره جي نفعن نقصانن لاءِ چاڪيءَ جي ڏاند
والگر سڄو ڏينهن ڦيرا ڏيندي، حياتي جا ڏينهن
ڪاٽي وڃي قبر پيٽڙو ٿئي. وڏن بنيادي گڏپ وارن
نفعن نقصانن جو ماڻهن کي احساس ٿيندو ته ڪون
پاڻ ۾ پڌي ۽ گڏپ جو احساس ٿيندو. منهن

دماغ ، ذھن ۽ دليون ڪشاديون ٿينديون . سندن نظرون وري تائين ڏسڻ لڳنديون . سندن سوچ مٿي آڏامندي . سندن خواب وڏيڪ شاندار ٿيندا . ان حالت ۾ ڦورن جو ڪهڙو حشر ٿيندو؟

جهڙا ۽ جيڏا زندگي جا مقصد، اهڙا ۽ اوڏا خيال، اهڙي ۽ اوتري نظر ۽ اهڙو ۽ اوڏو ماڻهو ، جيڪو ماڻهو پنهنجي خوشي يا بي‌سمجهي يا مجبوري سبب روزمره جي انفرادي نسبتاً ننڍڙن مقصدن سان گڏ ڊگهي عرصي جي گڏپ وارن وڏن مقصدن کي ذيان ۾ نہ رکندو ۽ انهيءَ لاءِ بہ حصي رسيءَ آهر پاڻ نہ پتوڙيندو ۽ پنهنجي نظر ۽ پنهنجا خيال فقط روزمره جي نسبتاً خسيس ۽ پتڪڙو ٿي پولدو . ان خسيس ۽ پتڪڙي ۽ پاڻ ۾ ئي پوري ماڻهو کي دليا جو پيو هر غريب ماڻهو فقط پنهنجو رقيب ۽ ويري نظر ايندو، پيو ڪجهہ بہ نہ . جنهن جي ذهن ۾ گڏيل مقصدن جو وهم گمان بہ نہ هولدو اهو گڏپ کي ڇا ڪندو؟ اهو پين پاڻ جهڙن سان ٻڌي ، ڦرب رکڻ، ساڻن منظر ٿيڻ، ڪلهو ڪلهي

۾ ڏيئي هلڻ مان ڇا ڇاڻي؟ ان ويچاري جي
زندگي فقط پاڻ جهڙن مان ڳرندي، ڏند ڏيندي،
ڏاڙهيندي، ماڻن ويڙ، ماڙ، حسد ۽ ڪينو رکندي
مڙلدي ۽ پچندي، پڻ تي خسيس پدترين حاصل
ڪري خوشيءَ وچان ڪڏيون هڻندي، پنهنجن هيٺن
کي لتون هڻي ڪيرائيندي ۽ پنهنجن دشمن اڳيان
پيچ لوڏيندي ۽ سندن هٿ پير چٽيندي گذري ويندي.
ڦورو ۽ ظالم نظام جي ڪم لاءِ اهڙا جوان ڪي پيا؟
ان ڪري هر ڦورو ۽ ظالم نظام ماڻهن کي
گڏپ بندران اڪيلائي، انفراديت پرستي ۽ پنهنجو
منهن ونئي هلڻ جو سبق ۽ حڪم ڏنئي ٿو.
هر قيدي پنهنجي پنهنجي ڪولي ۾ بند هجي! ڪوبه
پاڻ ۾ نه ڳالهائي! قيدين پاڻ ۾ ڳالهائي وڏو ۽
گڏجي پيا ته پوءِ قيد جي ديوارن جو ڇا ٿيندو؟
هر اهڙو نظام ماڻهن کي گڏپ، گڏيل مقصدن،
گڏيل سوچن، گڏيل ڪوشش ڪان پل پل سختين
سان روڪي ٿو. ڦورو ۽ ظالم نظام جي وسيع
قيدخاني يعني سندن غلام سماج جي قيد جي قانونن

يا جيل مشنوئل ۾ وسيع نظري، فراخدلي، بي‌لالچي، دورانديشي، همدردي، سات، ڪذب، ڀائيچاري، دوستي، محبت، خود قرباني، همت، سورهيائي ۽ ثابت قدمي وغيره. ڳالهيون سنگين ڪان سنگين ڏوه آهي. هنن جو قانون پاڻ ۾ وير، ڪيني، بغض، اڪيلائپ، خود پرستي، خود غرضي، شين جي پوڄا ۽ ماڻهن لاء ڌڪار جو سبق ۽ حڪم ڏئي ٿو. جيڪو ان قانون جي خلاف ورزي ڪري ٿو تنهن کي هڪڙي پاسي گڏيل مقصدن، گڏيل ڪوشش ۽ گڏيل حاصلاتن جو عام طرح ڪوبه رستو هٿ نٿو اچي ۽ جي اچي ٿو ته اهو جلدي وڃيو ڪنهن اوجهڙ ۾ پوي يا اهڙو ڏکيو، اڻانگو اڪريو پوي جو ڪتڻ جو ۽ منزل تي رسائڻ جو نالو ئي نٿو وٺي. ٻئي پاسي ڪيس نظام جي نافرماني ڪرڻ جي ڪري اڻ هوند، محرومي، بي‌عزتي، سماجي ناپسندي ۽ ڌڪار ۽ جسماني تڪليفن ۽ اذيتن جي سزا ملي ٿي.

ان ڪري عام طرح هر ذهن، هر گهر، هر گروه،

شعوري توڙي لاشعوري طرح گڏپ جي شاندار شاهي سڙڪ کي سماجي خودڪشي ۽ تباهيءَ جو رستو سمجهي ان کان ونءُ وجي ٿو. هو اڪيلائپ، انفراديت پرستي، جنس پرستي، خود پرستي، خود مطلبي، خود غرضيءَ جا ۽ ساڻهپي ڀدران شين جي پوڄا جا سوڙها پيچرا وٺي ٿو.

جن گهرن يا گروهن ۾ ڪي سڄي ڦريل ماڻهو ان جي ابتڙ، گڏيل مقصدن، ڪوششن ۽ حاصلاتن جي سوچ ڦهلائڻ ۽ وات وٺڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، اتي هر وقت ذهني ۽ جذباتي گهرو لڙائي جاري رهي ٿي، جن گهرن ۽ گروهن ۾ ڪي فرد ترقي پسند سوچ وارا آهن ۽ ڪي مٿاڇري ترقي پسند ۽ بنيادي طرح رجعت پرست يا زمانه ساز سوچ وارا آهن تن ۾ ته سوچن جي اها جنگ اڃا به وڌيڪ اڻانگي ۽ پيچيده ٿيو پوي ٿو ته صفا ۽ سنئين سڌي رجعت پرست سوچ سان ويڙهه اهڙي ڏکي ناهي جهڙي مٿاڇري ترقي پسند ۽ بنيادي طرح رجعت پرست يا زمانه ساز سوچ سان.

پنهنجي پَٽَ ۾ پنهنجي ٻوليءَ سنڌ سوچ جي
هڪڙي مکيه علامت اتفاق سان آءٌ به ڏئي چڪو
آهيان. انگريزي جيڪي ماڻهو سون سان گڏ پنهنجي
طرح پنهنجي سوچ جي به خلاف آهي سي سون سان
گڏ پنهنجي سوچ جي سار سنڀال لهڻ به لڳا وسارين.
هر قسم جي مخالفن ۽ سنڌن داخل ڪيل ڪيسن
جي ڪمي ڪانهي. آءٌ هجان نه هجان، ڪيس جي
شنوائي چوڻ ڪلاڪ چالو آهي. نهايت "غيرجانبداري"
"همدردي" ۽ فضيلت وارن لفظن ۾، مثالن، ثابتين
۽ دليلن سان پنهنجي سوچ کي هڪڙي غيرعملي
۽ هوائي سوچ، هڪڙي ٻرپٽ ڏاڍهن منهن ڏيڻ
واري حرڪت، هڪڙي معاف نه ڪرڻ جهڙي
حماقت ثابت ڪري ڪيس عملي طرح هڪڙي گار،
هڪڙي لعنت ۽ هڪڙو ڏوهه بڻائي، ڪيس سون سان
گڏ ان ئي پهر بار بار سنگسار ڪري بار بار سوريءَ
تي چاڙهيو ٿو وڃي.

ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ. بلڪ ڦڙيءَ ڦڙيءَ ماڻهوءَ کي
پاڳل به بڻائي سگهي ٿي. تو پڙهيو هوندو ته چين

۾ جيڪي ماڻهو هر قسم جي عذاب جي باوجود حاڪمن کي منوت نہ ڏيندا هئا تن کي پڌي سوگهو ڪري انهن جي مسيءَ مٿان پاڻي ڦڙو ڦڙو ڪري ڪريندا رهندا هئا تان جو هو پاڳل ٿي پوندا هئا. اڏوهي جا ذرڙي جيترا جيوڙا زبردست درخت ڪيرايو رکن. ڪٽ جا ذرڙا لوهہ کي بہ اندران کايو چٽ ڪريون ڇڏن. انن پهرن جي اڻ ڪٽ سقدمي بازيءَ، داڻهن، فريادن، ڪن حالتن ۾ طعنن، مهڻن ۽ ڳوڙهن جي وضاحت جي پوڌ اڳيان عقل ۽ سمجهہ ۽ واجبي ۽ بي واجبي جو ڪهڙو بندوبست جهلي سگهي ٿو ۽ سو بہ هڪڙي اهڙي ٿورڙي عمر، ڄاڻ ۽ تجربي واري ماڻهوءَ جو عقل ۽ سمجهہ جيڪو ڪن جي احساس جي بار هيٺ دٻيل هجي تہ ڪن جي ڏکين، پيچيدن ۽ ظاهري طرح لاعلاج ڪمسن ۾ بچاءَ جي وڪيل جي حيثيت ۾ احساس ڪمتريءَ ۽ احساس جرم جو شڪار ٿيل هجي ۽ جنهن کي هڪڙي سوچ ۽ هڪڙي وات وٺان جيڪي طلبجي سو هڪ ترت تي تيار ٿي

ملي سگهي ته بي وڏن رڳو نصيحتون، واعظ، فرمائشون ۽ حڪم ڏيندا رهن!

ننڍن کان پوءِ ڏون اهڙي گهر ۾ پيدا ٿيو آهن جنهن جا اڪثر ڀاتي پنهنجي ننڍڙي پٽڪڙي دنيا ۾ ٿورڙا اهم ۽ مشهور آهن ۽ انهن جي ٿورڙي اهميت ۽ مشهوريءَ جا اولڙا توتي به پون ٿا. ننهن سان گڏ ننهنجي پنهنجي ننڍڙي دنيا ۾ توکي به ڪافي اهميت ۽ مشهوري آهي بلڪ ننهنجي عمر جي حساب سان اها حد کان وڌيڪ ٿي چڪي آهي. جڏهن ڪو مال ڪنهن ڳاهه يا ٻي ڦوت گهڻي کائڻ کان پوءِ ان مان بيزار ٿي ويندو آهي ته پاڳيا چوندا آهن ته ڪچرجي ويو آهي. تون به حد کان وڌيڪ اهميت، شهرت ۽ مقبوليت مان ڪچرجي پيو آهين. تو وٽ انهن شين جو ايترو ضرورت کان وڌيڪ ذخيرو گڏ ڪيل آهي جو توکي نه رڳو ان ۾ واڌاري جي به ڪا ضرورت ڪانهي پر ان ۾ ڪافي ڪجهه گهٽتائيءَ جي به توکي گهڻي پرواهه ڪانهي. ننهنجي سوچ

اها ٿي ڏسجي ته اهي شيون ڪنهن به سبب جي ڪري گهٽجي گهٽجي جتي وڃي پهچنديون اتي به اهي تنهنجي باقي زندگيءَ کي باوقار رکڻ لاءِ ڪافي رهنديون.

درحقيقت ڪيترن پنهنجن پيارن وانگر تو لاءِ به ذاتي ۽ خانداني اهميت ۽ شهرت هڪڙو ڪاروبار بنجي پئي آهي. هرڪو ماڻهو تو مان هر ڳالهه ۾ غيرمعمولي توقعات رکندو رهيو آهي ۽ تون پنهنجي عزت بچائڻ خاطر پاڻ تي جبر ڪري انهن کي اڪثر پورو ڪرڻ تي مجبور رهندو آيو آهين. تان جو اهڙين ڪندي ڪندي اهي توقعات تو لاءِ هڪڙو وبال ۽ چٽي بنجي پيون آهن ۽ تون محسوس ٿو ڪرين ته تون انهن جو قيدي بنجي پيو آهين. هر وقت پنهنجي عمر، سمجهه ۽ معيار کان مٿيري عمر، سمجهه ۽ معيار جي ماڻهن جو پارٽ ادا ڪندي ڪندي تنهنجو ذهن ۽ روح رهڙجي ۽ چچرجي بغاوت ڪرڻ لڳا آهن.

ٻئين طرف ان سڄي ذهني ۽ روحاني خرچ جي

پورت ڪرڻ لاءِ توکي جيڪا خوراڪ کپي سو توکي ميسر ڪونهي. جيڪي ٿورا گهڻا سنڌي، اردو ڪتاب توکي هينئر پڙهڻ جهڙو آهين ۽ پڙهڻ لاءِ تيار آهين مي توکي اڏوگاهرا پڙهي ڇڏيا آهن. انهن مان تون پنهنجي موجوده ٿورڙي سمجهه مطابق جيڪي پرائي سگهيو آهين سو پرايو اٿيئي. تنهنجي جهڙي قسم جي محفوظ، سڪي سفيد پوش زندگي آهي مان توکي انهن مان ان کان وڌيڪ پرائڻ جون ضرورتون ۽ قوتون مهيا نٿي ڪري سگهي ان کان وڌيڪ وسيع ۽ گهرو مطالعو تون ان ڪري نٿو ڪري سگهين جو اول ته توکي تنهنجي قسم جي زندگي ان جي ضرورت مهيا نٿي ڪري پيو ته دنيا جو پرو ٿورڙي سنڌو ڇوٽيءَ جو علم، چاڻ، ونڊر علم ۽ سائنس بين الاقوامي پولين ۾ آهي جهڙوڪ انگريزي، فرينچ، جرمن، روسي وغيره. انهن مان توکي هڪڙي به نٿي اچي، اهڙي طرح تنهنجي ذهن ۽ روح جا موجوده سرچشما سڪي خشڪ ٿي ويا آهن. پين تائين تنهنجي بي علميءَ

جي ڪري تنهنجي پهچ ڪانهي.

جيتري قدر تنهنجي پڙهائيءَ جو سوال آهي تون برابر پڙهڻ ۾ ٺيو. جهڙيون تنهنجون ساز گار حالتون آهن ڏهڙو توکي زبردست ۽ مثالي ڪاميابيون حاصل ڪرڻ کپنديون هيون. پر بهرحال توکي شاباس آهي جو ڏون پنهنجي ٻين ڀائرن جي ڀيٽ ۾ چڱو پڙهين ٿو. اميد ته تون همت ڪري پڙهندين ۽ پنهنجي دل گهري منزل تي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيندين پر سوال آهي ته جيڪو اياز ان منزل کي پهچندو سو ڪهڙو ماڻهو، ڪهڙو اياز هوندو؟ ان ڳالهه جو دارومدار ان ڳالهه تي آهي ته اياز ڪهڙي سوچ سوچيندي ۽ ڪهڙي زندگي گهاريندي ان منزل تي رسي ٿو. عام طرح اعلىٰ تعليمي ڪاميابي حاصل ڪري ۽ اعلىٰ ملازمت حاصل ڪري ماڻهو فقط سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح ماڻهن جو رت چوسيندو هزارين لکين چورن ۾ هڪڙي وڏيڪ چور جو بلڪ چورن جي هڪڙي روڏيڪ ڪٽنب جو اضافو ۽ انهن جي پالنا ڪندا

رهيا آهن. هڪڙو خود غرض ۽ خود پرست حقيقي طرح احمق ۽ جاهل صاحب، هڪڙي اندر جي ڪاري پاهران پهنت ٽيل گڏي ٽائيپ سيم صاحب ۽ چار پنج لنڊڙا حرام خور رت چوس صاحبزادا ۽ صاحبزاديون ۽ شين ۽ سامان جا ڪجهه انبار، الا- الا خير صلاح، ماڻهن جي نقط نظر کان انڌيءَ رڙيو، ڪٿيءَ ڇٽيو!

هوچن لالا هرنام تعليم بابت جا چيو هو سو توکي چڱي طرح ياد هوندو "هي تعليم تو وٽ قوم ۽ وطن جي امانت آهي. ان کي ڪرسي ماڻڻ لاءِ نه، پر قوم ۽ وطن جي خدمت ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻڻو آهي.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو واقعي تمام گهڻو چاهي ۽ تمام گهڻيءَ ۽ لڳاتار ڪوشش ڪري ته زندگيءَ جي گهري مشاهدي ۽ وسيع ۽ اوڻهي مطالعي وسيلي جيڪي رڪاوٽون دور ڪري ماڻهپي جي وات تي قدم تمام گهڻو اڳتي وڌي سگهي ٿو.

مثال طور عام طرح برابر مشهور ـ ماڻهن جو اولاد پوٽو ڪوله پاريندو آهي. هر ان جي ابتڙ خاص مثال به آهن. موتي لعل نهرو پاڻ به سرمائيدار سياستدان هو، پٽس جواهرلعل ڪانئس وڌيڪ مشهور ٿيو ۽ پوٽس اندرا به گهٽ ڪانهي. ڪم ال سين جو ڏاڏو ۽ پيءُ، پاڻ ته مشهور وطن دوست ۽ انقلابي هئا پر سندس پٽ به پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هوچي منهه جي خاندان جي سچي توڪي خبر آهي. ناديا جي مڙس جو سچو گهر ماڳئي رلڪ ۽ رگيل هو. ماڳئي طرح ڪيترا اهڙا ماڻهو آهن جن جي زندگيءَ ۾ ظاهري طور ڪو وڏو ڏک يا محرومي ڪانه هئي. مارڪس، اينجلس، لينن ۽ چو اين لائي ڏکين پکين گهرن جا اولاد ڪونه هئا اهي ذاتي ڏک جو نه پر زندگيءَ جي وسيع مشاهدي ۽ مطالعي جي واٽ وٺي پنهنجي اعليٰ آدرشن ۽ تاريخ ساز ڪارنامن جي منزل تي رسيا. ٻي طرف ٻي انداز ماڻهن جي زندگي ڏکن سان ڀمتار آهي پر هو پنهنجي ڏر جي پاسي نه دشمن جو

پاسو جهلائي زندگي گذارين ٿا. رهڻي ڪهڻي جي معاملي ۾ به ڪئين خاص حالتون آهن. اينجلس هڪڙي ڪارخاني جي پيداوار جو پٽ هو ۽ پڻس پاران ان ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو هو ۽ تونگرن جي زندگي گذارڻ تي مجبور هو. پر اها فضول ۽ واهيات زواليت ڏانهن ليندڙ زندگي ڪيس دوستن کان، پنهنجي عظيم آدرشن ۽ منزلن کان دور ڪري نه سگهي. هو فقط ڪنهن حد تائين جسماني طور ان ماحول ۾ رهندي ذهني، روحاني ۽ عملي طور پنهنجي دل گهرئي دنيا ۾ رهندو هو.

وهي منجهين وڳ، ڪٿوري ڌار ڇري
ماء منهنجي ڪرهي، پٽر پڳ م لڳ
جڳ مين جهڙو جڳ، هيئين سين هٿ ڇري.

توڪي خبر هوندي ته سفيد پوش مارڪس سان نوابزادي شادي ڪئي ۽ توڙ نباهي ۽ ڪولڪر اينجلس وري پنهنجي اڻ پڙهيل نوڪرياڻيءَ سان شادي ڪئي ۽ توڙ نباهي. ان جي مرڻ کان پوء وري

ان جي اهڙي ئي اڻ پڙهيل ڀيڻ سان شادي ڪيائين! اهڙي ريت هنن دنيا کي ڏيکاريو ته سرمايه دار نظام جا زنجير هنن کي ذهني طرح جڪڙي نٿي سگهيا.

ڏو نيهر، ڏهه ڏانوڻيون، پندرهه پنڌ پياس
پگهاڙيون پغلن ۾، لڪين لوهه لڳاس
جو سڄڻ يار پياس ته چرڪ چائين هيڪڙي!
(شاهه)

سوچون هميشه ساڳيون نٿيون رهي سگهن ۽ نه رهڻ گهرجن. انهن ۾ هر وقت واڌارو ۽ سڌارو ايندو رهڻ گهرجي، پوءِ به موت، واڌاري جو اهڙو لازمي جزو آهي جهڙيون لاهيون چاڙهيون ۽ ور وڪڙ، سوچون رڳو اڳتي نه پوئتي هٽنديون. صحيح ايمان انڌي عقيدي تي نه پر شڪ، گمان ۽ مخالفن سان ڪامياب مقابلن جي ٽيڪ تي ئي قائم ۽ دائم رهي سگهندو آهي. ان ڪري شڪ ايمان جي راهه ۾ هڪ لازمي ۽ بيحد مفيد منزل آهي. پر شڪن ۽

ٻوٽي موٽڻ جا ٻه قسم ھوندا آھن. ھڪڙا شڪ ان لاءِ ھوندا آھن تہ صحيح حقيقت جي صحيح صحيح خبر پوي تہ جيئن ان صحيح حقيقت تي اٽل يقين سان عمل ڪجي. ٻئي طرح جي ٻوٽي موٽون بہ ان لاءِ ھونديون آھن تہ ٽڪ پچي، ويساھہ ڪٽي، ڦوٽون گڏ ڪري، بھتر تياري ڪري اڳيئن کان بہ وڌيڪ ڇوھہ ۽ قوت سان واڌ رو لٽين سر جاري رکجي. ھر ڪي شڪ رڳو سچ جي عادت ڪيل فرض سان جان ڇڏائڻ لاءِ ٻھانا ھوندا آھن ۽ ”رڍ اڳيئن مرڻي، ٻڌ پيئي ٻگھاڙ تي“ وانگر ھوندا آھن. ٻئي طرح جي موٽون بہ دائمي ثابت ٿينديون آھن. ڪي ماڻھو ٿورو ٻوٽي ھٽي، وري گھڻو اڳتي وڌندا آھن ڪي ماڻھو ٿورو اڳتي وڌي وري پکو ٻوٽي موٽي ويندا آھن.

جيڪڏھن ماڻھوءَ جي زندگيءَ جو بنيادي مقصد صحيح ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جو فيصلو اٽل آھي تہ ٻوءِ شڪ خراب نہ، پلي ۽ اڻ ٽر شيءِ آھي. اندي عقيدت نہ رڳو بي معنيٰ ٻر نقصانڪار آھي.

انگريزي مون سالن جا سال ٻيءَ چڏي رڳو ماڻهن جي سڪالي خواهه بين الاقوامي ويرين جون لکيون پڙهيون هونديون ۽ اج تائين وچ وچ ۾ ائين ڪندو اچان. آءٌ سندن هر دليل، هر ثبوت تي بلڪل کليل دماغ ۽ صاف دل سان گهڻو ويچار ڪندو رهيو آهيان ۽ توڙ تائين ڪندو رهندس. تڏهن ٻي آءٌ موجوده سوچ، مقصدن ۽ آدرشن تي ٿوري گهڻي هنسي ٿڪي جيتري مضبوطيءَ سان قائم رهي سگهيو آهيان ۽ ان سان گڏ پيو بنيادي سبب اهو به هو جو منهنجي زندگيءَ جي هر پل جي تجربي ۽ سوچ جي ڪري منهنجو منهنجي ويڙهه واسين سان وفاداريءَ ۽ انهن جي ويرين خلاف ويڙهه جو وچن اٽل هو. منهنجي سدائين اها ئي ڪوشش رهي آهي ته حالتون ڪهڙيون به هجن، چاڙهه هجي چاهي لاٿ، چاهي سڪار هجي چاهي ڌڪار، اهو وچن ڪنهن به صورت ۾ وسارڻو ناهي.

زندگيءَ جي ابتڙ واٽن مان صحيح واٽ ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ هر قسم جي حالتن جي باوجود انهن

تي ثابت قدم رهي اڳتي وڌندو رهڻ ٿوڙ لباهڻ
زندگي جو سڀ کان مکيه ۽ بنيادي سوال آهي

زندگيءَ لاءِ چونڊيل وات ڪهڙي به صحيح ۽
عاليشان هجي ٻر جي ان تي ثابت قدميءَ سان قائم
نه رهبو، اڳتي نه وڌبو، وات ۾ ئي گهه ڪري
ويهي رهبو يا گوهي ڏيئي ٻوئتي پڇي اچبو ته به
ماڻهو منزل تي ڪين رسندو. لطيف صحيح راهه
ڳولي لهڻ، سمجهڻ، ان تي ثابت قدميءَ سان هر حال
۾ ٿوڙ تائين وڌندي رهڻ تي سڀ کان وڌيڪ زور
ڏنو آهي. سندس چوڻ آهي ته صحيح راهه سڃاڻڻ
کان پوءِ، سواءِ اڳتي وڌڻ جي ٻي ڪنهن حجت
حيلي جي گنجائش ئي ڪانهي. صحيح راهه لڌي
معنيٰ ان تي اڳتي هلڻ شروع "جنين ڏني جوءِ
تنين ڪيهو ڪوڙ ڪين". "جاڻي سڃاڻي، وهان
ڪيئن ماٺ ڪري". "هوت هلن، آءٌ ويهان، ته
ڪا ائن جڳاءِ!؟" پوءِ ڪنهن به صورت ۾ ڪند
ڪيڏو يا موڙتو ڪونهي. "ڪين ڪليو ڪنڌ،
سنجهان سڱ سيڻ چئي". "هلندي جيين ڏي ڪرها

موڙ مَ ڪندا". ڪهڙيون ٻه ٽڪليفون اچن ور چي پيچڙو ڪونهي. ثابت قدم رهڻو آهي. "ڪين هلي ڪين هٿ ڪٿي، ڪين رڙهي ڪين روءِ"، "ڪندي ٻنڌ ڀهاڙ ڏي ڏيڙم روح رڙيون ا"، "موٽي مران مَ ساء موٽڻ ڪان اڳي مران ا"، "سوريءَ جي مزاوار ڏيهاڻي چنگ چڙهين، جيمَ ورچي چڏيئن مڪڻ جي ـ ٻچار..."، هر هر منٿ يا مڏو سڏ جو انتظار ٻه ڪرڻو ڪونهي. سمجهو مڙس کي هڪڙو اکر ڪافي آهي. "اکر چٽي هيڪڙي ڀهون جي نہ پڄهن، ڪوهہ ڪبو ٽن کي سڄي سٽان ڳلهڙي؟"

اڪثر اها منزل ٻہ ايندي آهي جڏهن سموريون ڪوششون في‌الحال ناڪام ٿي وينديون آهن ۽ ائين لڳندو آهي جو ڄڻ تہ جو ڪجهہ ڪيو ويو سو اجايو هو ان مان اصل ڪجهہ ورڻو سرڻو ڪونہ هو؟ لطيف چوي ٿو تہ صحيح ڳالهہ مان وفاداري توڙ تائين قائم رهڻ گهرجي. ڀلي اها ختم ٿي وڃي، ڀلي ان جو نالو نشان ٻہ ظاهري طرح ختم ٿي وڃي تہ ٻہ مڙس اهو جو ان وفاداريءَ تي قائم

رهي، ان کي ڪڏهن، ڪهڙين به حالتن ۾ پٺ نه ڏي ۽ ان کان لاڏعوا نه ٿئي.

سر سگهي سال ٽيسال، هنج هوئو ٿي ٻير
ڪنگ ويچارو ڪير، جو رسي الهيءَ رمز کي.

ٻئي طرف غلط واٽ تي انسان جيتري محنت، ايمانداريءَ، همت ۽ ثابت قدميءَ سان وڌندو ۽ جيترو تيز هلندو، جيترو "ڪامياب" ٿيندو. اوترو ئي صحيح مقصدن ۽ منزلن کان پري ٿيندو ويندو.

جيڪڏهن تون صحيح واٽ ڇڏي انفراديت پرستي، خود پرستي، زمانه سازي ۽ دنياداريءَ واري واٽ وٺندين ته ان واٽ تي جيترو تيز هلندين، جيترو اڳتي وڌندين ۽ جيترو ڪامياب ٿيندين اوترو دنيا جي هر پيار ڪرڻ جهڙي ڳالهه ۽ بمقصد ۽ هستي کان پري هٽندو ويندين. اها واٽ توکي ٻين سان گڏ مون کان ۽ ٻي سڀجي.ساٿ کان پري وٺي ويندي. بدر جي جنگ ۾ پيءُ هڪڙي پاسي هو ته پٽ ٻئي پاسي. "دان بهتا رها" ناول ۾ به انهن

آهي. هڪ پاڻ ماڻهن سان پيو وري انهن جي ويرين سان ته ٿيون لڪو تماشائي ٿيا ڪڙ.

ظاهر آهي ته آءٌ پنهنجي وس آهر توڪي ماڻهن جي مخالف راه تي تماشائي ٿي رهجي وڃڻ يا ڪاريخ جهڙي شهزور گهوڙن جي سمبن هيٺ لتاڙجڻ ۽ ماڻهن جي حقارت يا نفرت جو شڪار هرگز ٿيڻ نه ڏيندس. ان لاءِ مون کي جيڪي به ڪرڻ ضروري ٿيو تنهن جي ڪرڻ ۾ ڪابه هڪ محسوس ڪانه ڪندس ۽ ڪابه ڪوتاهي ڪانه ڪندس.

هر بنيادي طرح اهو ڪم تون ئي ڪري سگهين ٿو ڪوبه پيو نه.

تيرے آزار کا چاره نہیں نشتر کے سوا،
اور یہ سفاک مسیحا میرے قبضے میں نہیں
اس جہاں کے کسی ذی روح کے قبضے میں نہیں
ہاں مگر تیرے سوا، تیرے سوا، تیرے سوا!

تون پنهنجي ذهن جي ڪمزورين، پسمانده گين، غلط سوچن، عملن ۽ لاڙن سان مڙني سان ويڙهه

ڪري ٻانڻ کي انفراديت ورسيءَ جي گنديءِ ڏيڻ مان ڪيڏي سگهين ٿو. تون نوجوان آهين، ذهين ۽ باصلاحيت آهين. توکي سٺا دوست آهن تون انگريزي سڪي وڏي مطالعو ڪري سگهين ٿو ۽ پنهنجي ذهن ۽ روح جي سڪي ويل ٻاڙن کي وري سرسبز ڪري سگهين ٿو.

باشعور ۽ باضمير ماڻهن لاءِ ذهن، ضمير ۽ روح جا رشتا رت جي رشتن کان به وڏيڪ اهم آهن. اولاد، مائٽ ۽ عزيز قريب نهايت پيارا آهن. پر جن سان ذهن، ضمير ۽ روح جا رشتا آهن انهن لاءِ پيار سان گڏ لازمي طرح عزت به هوندي آهي، انهن تي فخر به هوندو آهي. اها ڳالهه رت جي رشتن ۾ هر حالت ۾ لازمي ناهي. پنهنجي وچ ۾ رت جي رشتي سان گڏ ذهن، ضمير ۽ روح جو رشتو به آهي. مون کي تو لاءِ نه صرف پنهنجي پٽ هئڻ ڪري بيحد پيار آهي پر توکي هڪڙو باصلاحيت، باشعور ۽ باضمير ماڻهو سمجهندي مون کي تو لاءِ عزت به آهي ۽ تو تي فخر به

آهي. پاڻ، پاڻ ۾ پيءُ پٽ هجڻ سان گڏ دوست ۽ ساٿي به آهيون.

آءٌ پيءُ جي حيثيت ۾ توکي سخت تاڪيد ڏنو ڪريان ۽ دوست ۽ سينئر ساٿي جي حيثيت ۾ توکي زوردار هدايت ڏنو ڪريان ته پنهنجي زندگيءَ جو، عام زندگيءَ جو ۽ زندگيءَ بابت علم جو لڳين سر ۽ اونهو مطالعو ڪر، زندگيءَ بابت پنهنجي فلسفي، عالمي نقطہ نظر ۽ سوچ جو لڳين سر تنقيدي جائزو وٺ ۽ ان کي درست ڪر؛ فولادي قوت اراديءَ کان ڪم وٺي، انهن چوٽيءَ جو زور لڳائي انفراديت پرستي، خود پرستي، آرام طلبي ۽ زماني سازيءَ جي گندي ۽ غليظ ڍٻڻ مان ٻاهر نڪر ۽ وري به خدا جي خلق جي ڀلي واري روشن ۽ ترقي پسند سوچ ۽ عمل جي ساٿ ۾ هڪڙي باشعور ۽ باعمل مزدور، بهادر سپاهي ۽ داناءَ عالم جي حيثيت ۾ پنهنجي قطار ۾ شامل ٿي اُنهنجي عزت ۽ شان واري جڳهه وري به حاصل ڪري اڳتي واڌارو جاري ڪر.

چيچ ۾ قطار، ساڻ چڙهندو لڪيئن،
سچڻ ٿئين هٿاءِ، وڳ وات ڏسي نه لهين!

هنن حالتن ۾ آءٌ فقط ٿورڙو وقت ڪجهه لکي پڙهي سگهان ٿو. ان ڪري اهو ٿورڙو وقت مون لاءِ نهايت اڻ لڀ آهي- پيو ته مون لاءِ پنهنجو لکيو پڙهڻ ۽ وري فيئر ڪرڻ هڪڙو عذاب آهي. اهڙين حالتن ۾ منهنجو توکي هن دکهي خط لکڻ ۽ تو تائين پهچائڻ جي اڻاڻکي مهم هلائڻ مان تون ڪجهه اندازو لڳائي سگهندين ته هي مسئلو مون لاءِ ڪيترو اهم ۽ نازڪ آهي ۽ مون کي تنهنجي صحيح آئيندي بابت ڪيڏيءَ پريشاني ۽ ڪهڙا انديشا آهن. مون کي اميد آهي ته ان حقيقت جي روشني ۾ توکي هن ڳالهه تي چيترو ڏيان ڏيڻ گهرجي اوترو ڏيندين.

ڪير چڏ ڪناتا! وڪون وجهه وڏلديون
سئين سپرين جي، ولگي پيانءِ ۾ وات
چڏي جهوري ڏي جهات، ته هولدي رات هٿ مڙون!

ٻاٻا سائين، پنهنجا روحاني ۽ ذهني وڏا، جن تان پنهنجي جسماني وڏن جيون سؤ پشتون قربان ڪيون، تن جي ڳالهه ته خير ٿي رهي پر پنهنجا جسماني وڏا به، گهٽ ڪونه هئا. غريب ۽ بيسمجهه هئا پر خدا پناه ڏي، زماني ساز ۽ ٻاڙيا ڪونه هئا. پنهنجي وقت سمجهه ۽ ماحول آهر ڪنڌار ماڻس هئا. ڪڏهن به مهل تي ڪنڌ هيٺ ڪري گهر جي ڪنڊ ۾ ڪونه لڪا. سدائين هڪل سان هڪل ڏنائون.

ٻاڻ ڪي به ماڻهن جي اڳين صفن ۾ ويٺو آهي، پوين ۾ نه. رڳو نالو ڪرڻو ڪونهي. ٿيهن لسن جو زور لڳائڻو آهي. ٿياڪي ٿيڻو ڪونهي. توڙ ڪرڻو آهي.

اهڙين ڳالهين ۾ معيار جو گهاٽ ماڻهن لاءِ تلوار جي گهاٽ کان به وڌيڪ ڏکيو آهي. ٻاڻ ڪي اهڙين ڳالهين ۾ ٻاڻ ڪي ڪڏهن به هرگز معياري ڪرڻو ناهي. خود روزمره جي ڪرڪار ۾ به شڪايت جو جائز سبب ڏيڻو ڪونهي. شڪايت

مڙس لاءِ ٻانهو آهي، پلا ۽ ٻڌاتا تازي وهٽ پاڻ کي ٻانها ڪوله هٿائيندا آهن. وڳو اشاري سان منزلون ماڻيندا آهن؛ وڌيڪ تون پاڻ سمجهو آهين.

لڪ لاکيڻو ڪرهو، ڪوڙين ڏيئي ڳڏوم
اڳڻ سولهن ٽيوم، ملهه، مهانگو مَ چئو!

لڪ لاکيڻو ڪرهو، ڪوڙين ڏيئي ڪاه...
ڪٿ نہ، ڪنڌ ڪاهه، جي پلاڻيو، تہ،
پرينءِ مڙي!

ڏنهڄو ٻاٻا

# اداري طرفان ڇپايل ڪتاب

اسان جي اداري کي قائم ٿئي سال ٿي چڪو آهي. اسان پنهنجي اداري جي پهرين سالگرهه ملهائي رهيا آهيون. جنهن موقعي جي نسبت سان هي ڪتاب "سالگرهه نمبر" ڇپائي رهيا آهيون ۽ اداري طرفان سال دوران جيڪي ڪتاب ڇپايا ويا آهن انهن جي به فهرست ڏئي رهيا آهيون.

اسان جي اداري طرفان هيٺيان ڪتاب ڇپايا ويا آهن.

١- للڪار
٢- بهار
٣- جي ماريا نه موت
٤- انگولا ڪيئن آزاد ٿيو.
٥- هاري جي سجاڳي
٦- ٻراڙو ڳوٺ ٽيون ڳوٺ
٧- ويتنامي ڪهاڻيون حصو پهريو
٨- جن جهولا ڳڙهه جلايو
٩- هوچي منهه جي آتم ڪهاڻي

١٠- عورت ۽ انقلاب
١١- مائوزي تنگ جا مضمون
١٢- اسان جا پنڌ پهاڙ جا
١٣- جنم قيدي
١٤- وڳ ڪيئن وسرياءِ (سالگرهه نمبر)

اسان جي سفر جو قافلو پنهنجي منزل ڏانهن وڌي رهيو آهي. هن سالگرهه نمبر ڪڍڻ سان ڪابه خوشفهمي نه ٿي آهي ته اسان ڪو وڏو ڪم سرانجام ڏنو آهي.

چو ته اسان جون راهون بقول محمد خان مجيدي جي اسان جا پيرا اڳيان به اڳتي، اسان جا رستا اڳيان به اڳتي ... اڳيان به اڳتي - اڳيان به اڳتي -

پـــاران
سيڪريٽري
سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي
ڳاڙهي کاٽو حيدرآباد

# ياد رک

تو وٽ تنهنجو عقل ۽ تنهنجو علم،
تنهنجي وطن ۽ قوم جون امانتون آهن.
امتحان پاس ڪري وطن جي ويرين وٽ ڪرسي مباڻ،
تنهن ڪان وڏي بي حيائي، ذلالت ۽ غداري ٻي ڪانهي.
پنهنجي علم کي پنهنجي وطن جي ڦٽل نصيب سنوارڻ لاءِ وقف ڪر.

پنهنجي حياتي جي پل پل سان،
قوم جي تاريخ ۾ سونهن ۽ سينگار پيدا ڪر،

ويٽنامي شاعر: **نوڏي دين**

سنڌيڪار: **رسول بخش پليجو**